اسحاق سميجو

# هوندراج دکايل: هڪ روشن خيال شاعر


***Abstract:***

**Hundraj Dukhayal**

*Hundraj Dukhayal, a famous Sindhi poet of the masses was born in 1910 at Larkana. By profession he was an agriculturist. However he was a very down to earth person. He was a poet by birth, and having nurtured under the teaching of Kishanchand Baiwas, by the age of 7 years, he had started producing poetry works.*

*In his early days, his works got published in Prakash (Larkana), Sindhi Suptahak (Sukkur), Inqilaab, Sooraj and other newspapers. His works were sung on gramophones and he himself was a good singer. From 1934-1940, he wrote and got sung almost 360 songs for 'His master voice' and Columbia Gramaphone Company. Until 1929 two compilations of his poetic works had been published – 'Krishan Bhajanwali' and 'Arya Bhajanwali', these earlier works were religious in content, different from the works he would produce later.*

*His poetry was touchy and deeply felt. It induced in its andience feelings of bravery, sacrifice, rebellion, and freedom. Freedom being his most liked subject, he produced more rebels than anyone else in Sindh against the British. He was highly inspired by Gandhi and his teachings. He not only actively took part in all non-violent campaigns against the British but also established a 'Gandhi Charity Centre'.*

*In 1948, when Pakistan Government shut his Centre he got so saddened that he left the country. But before partition, he suffered a lot at the hands of British. He accompanied Gandhi in 1922, when he came to Larkana and later in 1929 he toured entire Sindh with Gandhi. He gathered the students of his city and established 'Bandaviya Soraj Sindhi' and published a weekly newspaper 'Hanuman' in which he expressed his views openly. He was jailed 6 times, but the British could not claim his passion for freedom.*

*Moti Prakash believes he was the most popular poet and artist of his time. Dukhayal also is credited for being the most sensible and same political poet. He not only wrote about the social/political conditions, but also wrote about political personalities such as Bhagat Singh. He wrote for the betterment, progress and for a better future of the people. He believed in unity and*







*tolerance amongst men of different religion.*

*In 1963 'Sangeet Anjali' a compilation of 7 of his poetry books was published. In 2003, at the age of 94, Dukhayal passed away. He was the receiver of many awards and honours during his lifetime amongst them the title of Padam Shri by Government of India and the Millennium award by Sindhi Academy Delhi.*


**سنڌي** گيتن جو باڪمال ۽ عوامي رنگ جو نمائنده شاعر هُوندراج ’دکايل‘ 16 جنوري 1910ع تي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس ڏاڏو جيسا سنگهه علائقي جو سٺو زميندار هو، پر پاڻ فقيري مزاج رکندڙ هو. سندس والد ڀائي ليلا رام درويش ۽ صوفي قسم جو ماڻهو هو، جنهن کي 60 سالن تائين پهرين گهر واريءَ ٽِڪل ٻائيءَ مان ڪو اولاد نہ ٿيو. نيٺ ٽڪل ٻائيءَ ئي سندس ٻي شادي 18 سالن جي هڪ نوجوان ناري موتل سان ڪرائي، جنهن منجهان ئي هوندراج ’دکايل‘ پيدا ٿيو. دکايل شاعرانہ فطرت کڻي پيدا ٿيو هو. ان ڪري اوائلي عمر ۾ ئي هن ڀڄن ۽ ڪافيون چوڻ شروع ڪيون هيون، جنهن تان ڪنهن سنت ڪيس ٻُڌي چيو، ”هيءُ ٻالڪ تہ ’دکايل‘ ٿو لڳي...“، ۽ ايئن هُوندل يا هوندراج مان هو ڪوي ’دکايل‘ ٿي پيو. ”دکايل ننڍي هوندي ئي پنهنجي ڪوي هِردي واري پيءُ توڙي پنهنجي مامي مورو سنگهہ، چاهي سائين ڪشنچند ’بيوس‘ جي صحبت ۾ اچڻ سبب ستن اٺن سالن جي عمر ۾ شعر و شاعري ڪرڻ لڳو. هو پنهنجا رچيل گيت، ڪافيون توڙي ڀڄن خود ڳائيندو هو ۽ ائين اهي ڀڳتين توڙي چونڪين ۾ ڳائيندڙن تائين بہ وڃي پهتا. لاڙڪاڻو مشهور ناچو ڀڳتن جو گهر هو. انهيءَ ڪري سڄيءَ سنڌ ۾ انهن جون ڳايل ڪافيون ڪلام عام جي زبان تي اچڻ ڪري ’لوڪ گيت‘ ٿي پوندا هئا. جڏهن دکايل ڏهن ٻارهن سالن جو هو، تڏهن هن هڪ سنت جي ورسيءَ وقت هڪ ڀڳت کان پنهنجو رچيل گيت ٻڌو، جيڪو ڳائيندي ڳائيندي هو نچي رهيو هو. گيت هو:

”ماڻهن پڇو ٿي مون کان، مُشڪي مٿيءَ ۾ چاهي،
ورندي ڏنم انهن کي، ڏسو ڪنهن سان دل لڳائي.
دل ڏيڻ ونڻ جون ڳالهيون، تنهنجي، نہ پنهنجي وس ۾،
اک جي اِڙي تہ ايندو، گهر عشق سِر سنباهي.“(1)

جڏهن ايتري ننڍي وهيءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي اهڙا سهڻا گيت لکڻ جو ڏانءُ هٿ اچي وڃي، ۽ پوءِ اهي ميلن ملاکڙن ۾ ڳائجڻ ۾ بہ اچن، تڏهن اهو ماڻهو شاعر نہ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٽيندو تہ ڇا ٿيندو. مٿان وري بيوس جهڙي حسِين شاعر ۽ نهايت شفيق استاد جي قربت بہ مليس، تہ ماڻهوءَ کي ٻيو ڇا کپي! سو دکايل بہ شروعاتي عمر ۾ ئي موسيقيءَ ۽ شاعريءَ جي ان موه ۾ گهيرجي ويو. پوءِ هوريان هوريان غلاميءَ ۾ ورتل ملڪي حالتن، گانڌيءَ جي پُر اثر آزادي پسند شخصيت ۽ شهرت ۽ ملندڙ واه واه جي خوشيءَ دکايل کي گيتن جي دنيا جو امر ڪردار بڻائي ڇڏيو.

ابتدا ۾ هن جو ڪلام لاڙڪاڻي جي 'پرڪاش'، سکر جي 'سنڌي سپتاهڪ' ۽ 'انقلاب'، 'سوراج' ۽ ٻين اخبارن ۾ بہ ڇپيو، تہ گراموفون تي رڪارڊ بہ ڪيو. جيتوڻيڪ هو پاڻ بہ زبردست ۽ سوز ڀريئي نوع ۾ ڳائي سگهندو هو، پر هن جي دور جي اڪثر نندن وڏن راڳين ڪيس تمام گهڻو ڳايو ۽ جڳ مشهوري ڏني. "سال 1934 کان سال 1940ع تائين ڇهہ ست سال هِز ماسٽرس وائيس ۽ ڪولمبيا گراموفون ڪمپنين جي ناليرن ڳائيندڙن لاءِ 'دکايل' لڳ ڀڳ 300 گيت لکيا ۽ انهن کان ڳارايا." (2) شايد هو پنهنجي دور جو واحد نوجوان شاعر هو، جنهن جا 30 سالن جي عمر تائين ايترا گيت ڳائجي، شهرت ماڻي چڪا هئا. البت هن جي شاعريءَ جو پهريون مختصر مجموعو 'ڪرشنا پڇناولي' هو، جيڪو پڇنن تي مشتمل آهي. جڏهن تہ 1929 ڌاري هن جو ٻيو مختصر مجموعو 'آريہ پڇناولي' آيو. اهي مذهبي انداز ۽ صوفياڻي رنگ جي ڪلام تي ٻڌل ڪتاب آهن، جن جو دکايل جي اصل عشقيہ ۽ قومي رنگ جي ڪلام سان ڪو خاص تعلق نٿو جُڙي.

جيتوڻيڪ ابتدا ۾ هو هڪ رومانوي ۽ تخيل آميز، سَلوڻا ۽ دلڪش گيت رچيندڙ فنڪار هو، پر هوريان هوريان قومي جذبي منجهس بي مثال وطني محبت، پورهيت دوستي ۽ آزاديءَ جو چاه پيدا ڪيو. ايئن هن جي شاعري ماڻهن جي احساس ۽ جذبن جي زخمن تي ڦَها رکڻ لڳي، ۽ کين بهادري، همت ۽ غلاميءَ سان نفرت جا سبق سيکارڻ لڳي. خاص طور هند جي نوجوانن سان مخاطب ٿي، هن جيڪي گيت لکيا آهن، سي سڀ اهڙا آهن، جن کي آزاديءَ لاءِ ويڙهہ، بغاوت، قربانيءَ ۽ انگريز سامراج کي تڙي ڪڍڻ لاءِ جذبات جي بارودخاني سان ڀيٽي سگهجي ٿو:

قرض ماتا جو چُڪائيندين ڪڏهن جوان اچي؟
ملڪ مادر تان ڪڏهن ٿيندين تون قربان اچي!





ڇا اچا توکي زنجيرن ۾ رهڻ آهہ پسند،
هي غلاميءَ جو ڪڏهن ميٽيندين نيشان اچي!

...

اچو نوجوانو، هنر آزمايون،
ڇُٽيون گرم گوليون، جگر آزمايون.
پري کان پون ٿا ترارين جا تجلا،
ڪري سخت سينا سپر آزمايون.
هلي جيل خاني جي لوهي جون سيخون،
۽ اوچا پٿين جا پٿر آزمايون.

...

ديش سان همدرد اخبارن تي توڙي ڪال آهہ،
تہ بہ وڃي آزادگيءَ جو ناد هندستان ۾.

...

اچا ڀي جي اچڻ کان تون ڪنديئن انڪار آزادي،
تہ ڏسنديئن نوجوانن جون سسيون ڌڙ ڌار آزادي.
اچا توکي کپي جي رت شهيدن جو، کلي چئہ تون،
ڏيڻ لئہ اڄ بہ ڀارت ۾ هزارين تيار آزادي.

'آزادي' دکايل جو سڀ کان وڌندڙ ۽ محبوب موضوع هو. انگريزن خلاف شعر وسيلي جيتري نفرت سنڌ ۾ 'دکايل' پيدا ڪئي، ٻئي ڪنهن شاعر شايد ڪئي هجي. اهو رنگ نرمل جيوتاڻيءَ وٽ بہ ملي ٿو، پر هو دکايل جيترو ڪليل، چٽو ۽ خطيباڻو نہ آهي. دکايل ان معاملي ۾ ايترو اڳتي نڪتل آهي، جو ڪٿي ڪٿي شاعري بہ پوئتي رهجي ٿي وڃي. دراصل گانڌيءَ جي شخصيت هن کي ايترو متاثر ڪيو هو، جو هن پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي شاعريءَ کي ان جي هر ڳالھ جي نيڪيءَ ۽ تبليغ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. ٻئي طرف هن جي ان جذبي ۽ محبت سبب خود ڪانگريس اندر سنڌس اهميت ايتري وڌي ويئي، جو جڏهن 1931ع ۾ 'گانڌي- اِرون پئڪٽ' کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس جو مرڪزي اجلاس سڏايو ويو، تہ نہ رڳو ان ۾ دکايل شريڪ ٿيو هو، پر ان اجلاس جي شروعات سنڌس ئي گيت سان ڪئي وئي. گانڌيءَ سان محبت سبب ئي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن 1940 ڌاري رتيديري لڳ ’گانڌي خذمت گهر‘ نالي آشرم قائم ڪيو، جتي چرخن ٺاهڻ ۽ هلائڻ سميت هٿرادو ڪاغذ پڻ تيار ٿيندو هو. ورهاڱي بعد ان ئي آشرم تي هٿيارن ٺاهڻ جو الزام هڻي، پاڪستان سرڪار ڪيس 1948ع ۾ ٻه مهينا سزا ڏنائي، جنهن ڪان پوءِ مايوس ٿي هو انڊيا لڏي ويو. بعد ۾ پنهنجي ڪتاب ’قومي للڪار‘ ۾ هن پاڪ-ڀارت جنگين بابت جيڪي شعر لکيا، انهن جي پس منظر ۾ ضرور، اهو ڏک ٻه شامل هو، جيڪو هڪ ڪوڙي الزام جي نتيجي ۾ مليل سزا مان پيدا ٿيڻ فطري آهي.

’موتي پرڪاش‘ جي چوڻ موجب: ”شري هوندراج دکايل ’ٻيوس منڊليءَ‘ جو شاعر هو. هن شروعات عشقيه شاعريءَ سان ڪئي. آزاديءَ جي هلچل ۾ سرگرم ڀهرو وٺندي، هن وطن جي حب، آزاديءَ جي هلچل، گانڌيجيءَ، ولايتي شين جي بهشڪار (بائڪاٽ) تي نهايت اتساهه ڏيندڙ گيت رچيا ۽ پنهنجن شعرن ۾ ٻهوٽاٽي جيوت ۽ ماحول جي تصوير مروج ٻوليءَ ۾ چٽي.“(3) ان ۾ ڪنهن به قسم جي شڪ جي گنجائش نه آهي ته هوندراج ’دکايل‘ پنهنجي دور جو سڀ ڪان مقبول عوامي شاعر ۽ فنڪار هو، جنهن جي شاعريءَ ورهاڱي ڪان اڳ واري سنڌ جي سماجي زندگيءَ کي بدلائڻ، منجهس آزاديءَ جو چاهه پيدا ڪرڻ ۽ مختلف سياسي هلچلن ۾ ڀرپور نموني ڀهرو ورتو. جيتوڻيڪ دکايل بنيادي طرح محبت جو شاعر آهي ۽ وٽس سنڌ جي عام ۽ ٻوٽاٽي زندگيءَ جي غمن ۽ خوشين، خوابن ۽ خواهشن، جذبن ۽ احساسن جا عڪس نهايت سليقي ۽ سرل ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهن، تڏهن به پنهنجي دور جي سياسي حالتن مٿس اسڪول جي ڏينهن ۾ ئي اثر وڌو هو. هو گانڌيءَ جي شخصيت ۽ سياست ڪان تمام گهڻو متاثر ٿيو. اتفاق جي ڳالهه آهي ته 1922ع ۾ جڏهن گانڌي لاڙڪاڻي آيو، ته دکايل فقط 12 سالن جو هو، پر هن کي گانڌيءَ جي رَٿ اڳيان هڪ گهوڙي گاڏيءَ تي ويهاريو ويو، ته جيئن هو ساڻين سان گڏ ڳائيندو هلي. 1929ع ۾ جڏهن گانڌي ٻيهر ’لالا لجپت راءِ فنڊ‘ جمع ڪرڻ آيو، ته ’دکايل‘ سڄي سنڌ جي دوري ۾ ساڻس گڏ هو. ايئن گانڌيءَ جي شخصيت، فڪر، سوچ، سياست ۽ اُپديش ويا هن جي دل ۽ ذهن ۾ گهَرُ ڪندا ۽ هو انهن کي جابجا ڳائڻ ۾ مگن ٿي ويو:

تنهنجي اَئٽ جو آواز مون ته جهُوپڙين ۾ ٻڌو،
هر ڪو ڪاهيندو ٿئي وتيو،





هر ڪو ڪاهيندو ٿئي وتيو، ڍيرا ٺاهيندو ٿي وتيو.
تنهنجي اهنسا جو راز، دنيا ڏُور ڏُور ٻڌو،
حيرت ڪائيندو ٿي وتيو،
حيرت ڪائيندو ٿي وتيو، ساراهيندو ٿي وتيو.
تنهنجي ايڪتا جو راز هندو مسلمان ٻڌو،
ساري هندوستان ٻڌو،
هرڪو چاهيندو ٿئي وتيو، ڀائر ڀائيندو ٿئي وتيو.
تنهنجو هريجن آواز، مون ته مندرن ۾ ٻڌو،
تِيرٿ ياترين ۾ ٻڌو،
هر ڪو ڳائيندو ٿي وتيو، ڳلي لائيندو ٿئي وتيو.
مون ته گانڌي تنهنجو نانءُ، تارن ستارن تان ٻڌو،
چوٽ مُنارن تان ٻڌو،
هر ڪو اچاريندو ٿي وتيو، توکي سنڀاريندو ٿي وتيو.

ايئن هو گانڌيءَ جي محبت ۾ غرق ٿي ويو ۽ ڪانگريس جي سياست ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ڪٽي وئي. هن گانڌيءَ جي اعلانن ۽ حڪمن تي عمل لاءِ پنهنجي شهر جي شاگردن تي ٻڌل ٽولي تيار ڪئي، جنهن کي ’باندرا يا سوراج سئنا‘ سڏيو ٿي ويو. ان سئنا لاءِ هن هڪ گيت به لکيو هو، جيڪو سندس ڪتاب ’سنگيت ڦول‘ ۾ به شامل آهي:

باندر سَئنا آئي آئي،
هنومان جي آهه چڙهائي،
باندر سَئنا آئي آئي.
ان سان جنگ ڪنداسين، انگريزن کي تنگ ڪنداسين،
سوراج جي سوڀ سدائين،
باندر سَئنا آئي آئي.

هوندراج ”انهيءَ ٽولي جي ساڀي هيٺ ’هنومان‘ نالي سان هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي، جيڪا هر ڇنڇر تي شايع ٿيندي هئي ۽ ڪتاب جي سائيز جي ويهن صفحن واري هيءَ اخبار فقط هڪ پئسي ۾ وڪامي، سوين هزارين گهرن تائين پهچندي هئي. هن اخبار ۾ ’دکايل‘ جا نوان نوان قومي گيت ۽ اتساهه ڏيندڙ سمپادڪي ليک



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چپچي ظاهر ٿيندا هئا. ڌاري سرڪار اهو برداشت ڪري نہ سگهي ۽ ڪوي ’دڪايل‘ ڪي هنومان اخبار ۾ بغاوتي ليکن ڇپڻ ڪري، گرفتار ڪري جيل ۾ اماڻيو ويو.“(4) ان ڪان پوءِ بہ هو اٽڪل پنج ڀيرا جيل ويو، ۽ مختلف موقعن ڪي ملائي لڳ ڀڳ ڪيس ساڍا ٽي چار سال سزائون ڪاٽيون پيون، پر انهن سزائن نہ هن جي گيتن تي ڪا روڪ وڌي، نہ هن جي جذبن تي ئي ڪو زنجير پئجي سگهيو. هن جا قومي گيت وڏيڪ جوش، شدت ۽ ولولي سان ماڻهن ۾ پکڙجڻ لڳا. هن جي گيتن جي خاص ڳالهہ اها هئي، تہ اهي بيوس جي شاعريءَ وانگر عام فهم ۽ عوام جي ٻوليءَ ۾ هئا. هن جو غزل ڀلي فارسي آميز هجي، پر هن جا گيت ۽ نظم گهٽيءَ حد تائين انتهائي سليس ۽ عام جي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. انهن ۾ سُر، لئہ، رَس ۽ اثر بہ آهي، تہ جوش ڏياريندڙ جذبات بہ آهي. هن جا رسيلا گيت جڏهن ميڙن ۾ ڳائبا هئا تہ ماڻهن جو داد ڏسڻ وٽان هوندو هو. بقول ’پريو وفا‘ جي: ”دڪايل صاحب جون اهڙيون انوکيون رچنائون ۽ گيت سنگيت رَس سان سرشار جڏهن پيچ پنيءَ جو پريات ڦيريءَ ۾ ڳايا ويندا هئا، تڏهن گهر گهر جون ديوارون گونجنديون هيون. پٿر دلين ۾ لرزش پيدا ٿيندي هئي. سياري جي برفيلي سردين ۾ سوَرين جو سهارو ڇڏي، خلقت ايئن اچي قطارن ۾ ڪٺي ٿيندي هئي، جيئن من موهن جي مرليءَ تي گوال ۽ گوپيون بيتاب ٿي ڀڄنديون اينديون هيون.“ (5)

هن جا نظم توڙي گيت پنهنجي دور جي سياسي حالتن جي شديد اثر هيٺ هئا. ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ جا جيڪي بہ شاعر پڙهڻ لاءِ ملن ٿا، ’دڪايل‘ انهن ۾ واحد سُلجهيل سياسي شاعر آهي. ڪانگريس جي هلايل ’ڀارت خالي ڪريو‘ تحريڪ، اسهڪار هلچل، لوڻ ستياگرهہ، سول نافرمانيءَ جي تحريڪ، سوديشي هلچل، هريجن آندولن، ايڪتا هلچل، گانءِ بچايو آندولن، رشوت خوريءَ خلاف آندولن، ديسي سامان جي استعمال ڪي هٿي وٺرائڻ، ڪاڏِي پائڻ، چرخو ڪتڻ ۽ شراب واپرائڻ خلاف هلايل تحريڪن ۾ هن نہ فقط عملي طور بهرو ورتو، پر انهن متعلق هن جا لاتعداد گيت ۽ نظم بہ لکيل آهن، جن ۾ يڪسانيت، يڪ رنگ ۽ ورجاءُ پڻ آهي، ۽ اڪثر شعر فقط منظوم تبليغ محسوس ٿين ٿا، پر ظاهر آهي تہ اهڙو اڪثريتي شعر هن جي ابتدائي زماني جو ئي آهي. ٻئي پاسي، دڪايل جي شاعري بنيادي طرح مقصدي شاعري آهي، ۽ اها هڪ خاص ارادي تحت لکي وئي آهي، تنهن ڪري ان جي سرشت ۾ ڳالهہ، وِيچار يا مقصد پهرين، فنڪاراڻي ناهہ نوهہ بعد ۾ اچي ٿي. هن جي شعر جو چڱو حصو نج





تبليغي قسم جو آهي، جنهن ۾ ڀارت جي آزادي، ڪانگريس جي ساراهہ، قومي جهنڊي جي سربلندي جهڙا نصابي قسم جا شعر بہ ملن ٿا، جن ۾ تخليقي حسن خير ڪو آهي. هن جهڙو روشن فڪر ماڻهو مسلم ليگ جي ضد ۾ هندن کي قوم ٿو سڏي، جيتوڻيڪ هندو ڪا قوم آهن، نہ مسلمان ئي قوم آهن. هندستان هڪڙو ملڪ هو، جنهن ۾ اڻ ڳڻيون قومون آباد هيون، جن مان هڪ قوم ’سنڌيءَ‘ جو هُو پاڻ فرد هو، پر هو جابجا پاڻ کي هند جو سپوت سڏائڻ پسند ٿو ڪري، ۽ آرزو بہ اها اٿس:

اصل کان آهي ’دڪايل‘ جي فقط هي آرزو،
لاش منهنجو شل ڪِجي آزاد هندستان ۾.

’سنگيت ڦول‘ ۾ هن جو هڪ نظم ’ڀارت ماتا جي پڪار‘ بہ آهي. هيءُ نظم ڀارت جي عام رهواسين جي ڏکويل زندگيءَ جي تصوير آهي، جنهن ۾ بک، غربت، هيڻائي ۽ تنگدستيءَ جون ڄورون سندن نسن مان رت چوسيندي نظر اچن ٿيون:

تون ڄاڻين ٿو تہ هڪ سِر جي سراسر ڇا ڪمائي آهہ،
ڏهاڙي ڏيڍ آنو ڪن، عجب جهڙي سچائي آهہ،
هزارين دربدر ڀڄڙا، سِرن تي چارپائي آهہ،
گذاري گاهہ تي اچ تن ڏکي ويلا ٽپائي آهہ،
قلع ڀارت کي بس چوڌر غريبيءَ جو ئي گهيرو آهہ،
منهنجي قسمت ۾ اي داتا! انڌيرو آ، انڌيرو آ.

....

ادا بک ادا بک، ادا بک ادا بک،
آندا بک وڏا ڏک، ادا بک ادا بک،
ڪسيا بک مڙئي سک، ادا بک ادا بک!

...

روٽي نہ آ ميسر، پوري جي پيٽ خاطر،
خالي اي خانصاحب، عزت کي ڇا ڪنداسين!

دڪايل هڪ ذميدار ترقي پسند ۽ عوام دوست شاعر وانگر پنهنجي شاعريءَ کي ماڻهن جي بهتريءَ، سک ۽ ترقيءَ لاءِ ٻارڻ طور ڪتب آندو. ان سلسلي جو سڀ کان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڏو مثال نامور سَنت ونوبا ڀاوَي جي ’ڀُودان- تحريڪ‘ (غريب ۽ پيڙيل طبقن جي هارين کي ڀُونءِ يا زمين بخشش طور ڏيارڻ لاءِ هلايل تحريڪ) ۾ نه فقط عملي طور ڪاهي پوڻ هو، پر ان ۾ پنهنجن نغمن ۽ گيتن سان زندگي ڀرڻ جو ڪم ڪرڻ به هو. اها تحريڪ سڄي هندستان ۾ هلائي وئي، جنهن لاءِ سنت ونوبا اٽڪل ٽي سال لانگ مارچ ڪري، 5000 ڪلوميٽرن کان وڌيڪ پيرين پنڌ هلي، زميندارن کان زمينون حاصل ڪري، عام ۽ بي زمين هارين ۾ ورهائڻ ڪرڻ جو شاندار ڪم ڪيو. ’دڪايل‘ ان سفر ۾ ڪافي عرصو ونوبا سان گڏ هو، ۽ ان تحريڪ جي شان ۽ ماڻهن ۾ سجاڳيءَ لاءِ هنديءَ ۾ گيت لکندو رهيو، جيڪي تمام گهڻا مقبول ٿيا. هن تحريڪ ۾ ’دڪايل‘ جي گيتن جي مشهوريءَ کي ڏسندي، شري جئه پرڪاش نارائڻ لکيو آهي: ”ڪوي دڪايل جي گيتن ۾ ڪيڏي نه جان آهي. هو ڪيئن نه پنهنجي واڻيءَ ۾ دل جي امنگن جي پلٽ پلٽان ڪري ٿو. جڏهن مون ڀريون ڀيرو سندس گيت ’دي دو اب پومي اڌڪار‘ ٻڌو ته مون کي ائين لڳو ڄڻ ساڪيات ڪرانتي للڪاري رهي آهي. سنڌيءَ جو هي ڄاتل سڃاتل لوڪ ڪوي آهي ئي، پر هنديءَ ۾ به هن ڌاڪو ڄمايو آهي. دڪايل جي گيتن ۾ ڀارت جي غريب جنتا جي دک درد جي اهڙي ته ڪروڙا پڪار آهي، جا پٿر کي به پگهاري ڇڏيندي آهي.“(6)

دڪايل پنهنجي دور جي نه فقط سياسي مسئلن بابت نظم ۽ گيت لکيا آهن، پر پنهنجي دور جي مشهور سياسي شخصيتن کي ڀيٽا به پيش ڪئي آهي. خاص طور لالا لجپت راءِ جي قتل تي، جنهن لاءِ گانڌيءَ فنڊ قائم ڪيو هو ۽ سڄي ملڪ جو دورو به ڪيو هو، تنهن لاءِ هن ’پنجاب جو شير‘ جي عنوان سان هڪ خوبصورت نظم لکيو. ساڳيءَ ريت هن ڀڳت سنگهه، پنڊت موتي لعل، لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ ۽ ٻين کي به پنهنجن شعرن ۾ ميتا ڏني آهي. هن جي شاعري، هند جي آزاديءَ جي عاشقن ۽ سياسي اڳواڻن سان عقيدت جي اظهار سان گڏ خود آزاديءَ جي خواب ۽ تصور سان عشق جو به انوکو مثال آهي. ان خواب کي حقيقت ۾ بدلائڻ جو عزم، اميد ۽ پختو حوصلو سندس شعر جي اصل سگهه آهي.

مرنداسين، مگر هند کي آباد ڪنداسين، آزاد ڪنداسين،
ڀارت کي نئين زندگي امداد ڪنداسين، آزاد ڪنداسين.





گلزار وطن لاءِ ڏئي ڀاڻ بدن جو، ۽ خون هڏن جو،
سرسبز چمن هند جو شمشاد ڪنداسين، آزاد ڪنداسين.
بم گولا هوا مان جي جهازن تان هلايو، بارود وسايو،
سينن کي ستمگر اسين فولاد ڪنداسين، آزاد ڪنداسين.
ورثي ۾ ڇڏينداسن نه پوين لئه غلامي، هي مرض مُدامي،
هن ڪوڙهه ۾ ڪمزور نه اولاد ڪنداسين، آزاد ڪنداسين.
نئين آهه دنيا لاءِ اهنسا جي لڙائي، گانڌيءَ جا لڳائي،
تنهن سان ئي دکي ديش سندو داد ڪنداسين، آزاد ڪنداسين.

آزاديءَ کان اڳ نندي کنڊ ۾ مذهب جي آڙ ۾ ٿيندڙ سياست ماڻهن ۾ جيڪي ويڇا وڌايا، تن جي سزا ان وقت جي ماڻهن ته ڪاٽي، پر پوين نسلن به ان کي مسلسل ڀوڳيو آهي. جيتوڻيڪ دڪايل جهڙن شاعرن ان وقت ئي ايڪتا، ڀائپيءَ، گڏجي سڏجي رهڻ جي لاءِ ماڻهن کي بار بار سجاڳ ٿيڻ جو سڏ تي ڏنو، پر نفرت جي ڀڙڪايل آڳ سڀ ڪجهه ساڙيندي، ڀسم ڪندي ٿي وئي. سکر ۾ ٿيل مسجد منزل گاهه واري واقعي سنڌ جي صدين جي مهذب، متمدن ۽ سيڪيولر سوچ واري سماج کي زلزلي وانگر لوڏي ڇڏيو. صدين کان ڀائرن وانگر گڏ رهندڙ ماڻهن هڪ ٻئي تي پنهنجائپ جا دروازا بند ڪرڻ شروع ڪيا. هو انسانن مان ڦري، ’مسلمان‘ ۽ ’هندو‘ ٿيڻ شروع ٿي ويا. ڀڳت ڪنور رام توڙي وير هاسارام جي وحشياڻي خونن بعد هندو ۽ مسلمانن ۾ ويڇا وڌي ويا. تڏهن گانڌيجيءَ جي ايڪتا واري سنديش انوسار دڪايل قومي گيتن ذريعي ايڪتا جو پرچار ڪيو.

”مذهب يا رسمن ڪري تون ڌار ٿئين ته بلاشڪ ٿي
آگريون ڌار رهن ٿيون جيئن
پر ڪم جي وقت وڃن هڪ ٿي.
آگر آگر کان جي ڇني تون ڌار ڪندين،
ته ڪم نه ڏينديون،
پر هٿ سالم جي هوندو،
هڪ ٻئي جي سي مددي ٿينديون.“ (7)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دڪايل جي ڪتابن ۾ ’جهونگار‘، ’قومي للڪار‘، ’لاهوتي لهر‘، ’سنگيت ورڪا‘، ’پرلاءُ‘، ’گل تا روئن تنهنجي ياد جا‘، ’سنگيت ڦول‘، ’رنگ ترنگ‘، ’لاٽيون‘، ’سروودي گيت‘، ’سوامي ڏرمداس جيون ڪٿا‘، ’شرڌانجليون‘، ’مشاهدو‘، ’اڪ جون ڦلڙيون‘، ’ڏوٽيءَ جي ڏن‘، ’زندگي هڪ روپ انيڪ‘، ’هوت وڃايم هردي ۾‘(ڪهاڻيون)، ’ڌرتي ڪي گيت‘(هندي) وغيره شامل آهن. مٿين ڪتابن مان سندس ستن شعري مجموعن کي گڏائي، 1963 ڌاري هڪ هزار صفحن جي لڳ ڀڳ ’سنگيت انجلي‘ جي عنوان سان هڪ ڪتاب ڇپايو ويو، جيڪو هڪ لحاظ کان هن جي ڪليات جو پهريون ڀاڱو هو. جيڪڏهن سندس باقي ڪلام به ايئن گڏ ڪري ڇپايو وڃي ها ته ’دڪايل‘ جي شاعراڻي شخصيت ۽ حيثيت جي تعين ۾ ڪافي سولائي ٿئي ها.

سنڌي ٻوليءَ ۾ عوامي رنگ جي هن ڀَهڳُٽي گيتڪار، 21 نومبر 2003ع تي 94 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي. ’دڪايل‘ جا گيت نه فقط پنهنجي دور ۾ تمام گهڻا ڳايا ويا ۽ جهرجهنگ مقبول پيا، پر اهي عوامي جلسن ۽ پروگرامن ۾ جوش ۽ زندگي پيدا ڪرڻ سبب به مشهور هئا. هن کي مليل اڻ ڳڻين انعامن ۽ القابن ۾ ڀارت سرڪار پاران 1984 ۾ ’پدم شري‘ جو خطاب ۽ سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفان 3-2002 ۾ 11 لک روپين جي رقم تي ٻڌل ’ملينيم ايوارڊ‘ پڻ شامل آهن، جنهن منجهان هن جي شهرت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. انعامن ۾ مليل رقم سميت هن پنهنجي ڪل ڪمائي 1952 ۾ پنهنجي قائم ڪيل تعليمي سنستا ’گانڌيڌام مئتري منڊل‘ کي ڏئي ڇڏي.

## حوالا


1. ڪشناڻي، وليرام، ’دڪايل جيون درشن‘، گانڌيڌام مئتري منڊل، آديپور، انڊيا، 2010ع، ص: 14.
2. وفا، پريو، مضمون: ’دڪايل صاحب جي گيتن ۾ سنگيت جو سنگم‘، ’دڪايل جيون درشن‘، مرتب: وليرام ڪشناڻي، گانڌيڌام مئتري منڊل، آديپور، انڊيا، 2010ع، ص: 30.
3. موتي پرڪاش، مرتب: ’پره ڪان پوءِ‘، نيشنل بوڪ ٽرسٽ انڊيا، 2007ع، ص: 225.
4. ديال آشا، مضمون: ’هوندراج دڪايل جي شاعريءَ ۾ روحانيت‘، ڪتاب: ’هوندراج دڪايل جنم شتابدي سيمينار‘، سمپادڪ: وليرام ڪشناڻي، ساهتيه اڪادمي، دهلي، 2010ع، ص:24.







5. وفا، پريو، مضمون: ’دڪايل صاحب جي گيتن ۾ سنگيت جو سنگم‘، ’دڪايل جيون درشن‘، مرتب: وليرام ڪشناڻي، گانڌيڌام مئتري منڊل، آديپور، انڊيا، 2010ع، ص: 199.
6. ديال آشا، مضمون: ’هوندراج دڪايل جي شاعريءَ ۾ روحانيت‘، ڪتاب: ’هوندراج دڪايل جنم شتابدي سيمينار‘، سمپادڪ: وليرام ڪشناڻي، ساهتيه اڪادمي، دهلي، 2010ع، ص: 82.
7. ڪشناڻي، وليرام، ’دڪايل جيون درشن‘، گانڌيڌام مئتري منڊل، آديپور، انڊيا. 2010ع، ص: 31 ۽ 32.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair